SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2000

سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2000

THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994

4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

5. ڊڪليئريشن جمع ڪرائڻ ۾ ناڪامي تي ڏنڊ
Penalty for failure to furnish declaration

6. نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ
Penalty for non_compliance with notice

7. پوکيل ايراضي لڪائڻ تي ڏنڊ

Penalty or concealment of cropped area

8. ٻڌڻي جي نوٽيس کان پوءِ ڏنڊ مڙهڻ

Imposition of penalty after notice of hearing

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2000

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2000

سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2000

THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ORDINANCE, 2000

[17 مئي 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي،

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس

(ترميم) آرڊيننس، 2000 سڌيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

(i) شق (b) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

(bb) "پوکي ڪيل ايراضي" مطلب زمين جي ڪا ايراضي جيڪا ٽيڪس سال دوران پوکي ڪيل آهي، جنهن ۾ شامل آهن پکل باغيچا، باغ، ڪيلا، باغباني جون شيون ۽ پان جا پن سواءِ اٿاڻن ۽ نرسرين جي.

(bbb) "ڊڪليئريشن" مطلب ڪل پوکيل ايراضي جو ڊڪليئريشن اهڙي بيان ڪيل طريقي موجب اهڙن تفصيلن سان ۽ ان سان گڏ اهڙا استيٽمينٽس، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪاغذ هوندا ۽ اهڙيءَ ريت تصديق ٿيل هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(ii) شق (i) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

(j) "ٽيڪس سال" مطلب زرعي سال جيئن ايڪٽ ۾ بيان ڪيل آهي.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of

3.ڇاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

"3. "ٽيڪس لڳائڻ" (1) کا به ٽيڪس ٻارنهن ايڪڙ يا ان کان گهٽ آبپاشي ايراضي ۾ واقع زمين يا چوويهہ ايڪڙ يا

section 3 of Sindh Act XXII of 1994

ان کان گهٽ غير آبپاشي ايراضي ۾ واقع زمين جي مالڪ کان نہ اوڳاڙي ويندي.".

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ باغيچن، باغن، ڪيلن ۽ پان جي پتن تي لاڳو نہ ٿيندو.

(2)بشرطيڪ جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ٽيڪس پوکي ڪيل ايراضي جي بنيادن تي خريف ۽ ربيع دوران ترتيبوار هر زمين جي مالڪ کان، هيٺين اگهن تي اوڳاڙي ويندي:

A. ابپاشي ذريعي پوکيل ايراضي

ڪپهہ	175 رپيا في ايڪڙ
ڪمند	200 رپيا في ايڪڙ
ڪٽڪ/چانور	100 رپيا في ايڪڙ
گاهہ	100 رپيا في ايڪڙ
سبزي	200 رپيا في ايڪڙ
پڪل باغ، باغيچا، ڪيلا ۽ پان جا پن	700 رپيا في ايڪڙ
ٻيا سمورا فصل	100 رپيا في ايڪڙ

A. آبپاشيءَ کانسواءِ پوکيل ايراضي

ڪپهہ	90 رپيا في ايڪڙ
ڪمند	100 رپيا في ايڪڙ
ڪٽڪ/چانور	50 رپيا في ايڪڙ
گاهہ	50 رپيا في ايڪڙ
سبزي	10 رپيا في ايڪڙ
پڪل باغ، باغيچا، ڪيلا ۽ پان جا پن	350 رپيا في ايڪڙ

ٻيا سمورا فصل	50 رپيا في ايڪڙ

وضاحت: جيڪڏهن هڪ مالڪ ساڳي زمين تي هڪ کان وڌيڪ فصل ساڳئي پوکي جي مند ۾ اپائي ٿو ته کانئس فصلن جي بنياد تيانهيءَ فصل تي ڊل لڳائي ويندي، جيڪو پوکيءَ ۾ وڌيڪ هوندو:

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6_A لاءِ، هينئين ريت متبادل بڻايو ويندو:

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

"6_A. جتي ڪو مالڪ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي ان مقصد لاءِ ڏنل وقت دوران دفعہ 5 تحت ڊل جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڪليڪٽر اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مهڙهي سگهي ٿو جيڪو هڪ سئو رپيا روزانو کان وڌيڪ نہ هوندو، جيستائين اهو نقص جاري رهندو.

ڊڪليئريشن جمع ڪرائڻ ۾ ناڪامي تي ڏنڊ

Penalty for failure to furnish declaration

6_B. جتي ڪو مالڪ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي ذيلي دفعہ 6 تحت جاري ڪيل ڪنهن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڪليڪٽر سندس مٿان ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو سموري آباد ٿيل زمين تي اوگاڙي لائق ٽيڪس واري رقم کان وڌيڪ نہ هوندو.

نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ

Penalty for non_compliance with notice

6_C. جتي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪارروائي جي

پوڪيل ايراضي لڪائڻ

صورت ۾ ڪليڪٽر، اپيليٽ يا پرووِيزنل اٿارٽي مطمئن آهي ته ڪنهن مالڪ ڄاڻايل ڪارروائي ۾ يا ڪنهن گذريل ڪارروائين دوران سندس پوکي ڪيل ايراضي لڪائي آهي يا سندس زمين جا غلط انگ اکر پيش ڪيا آهن، هي يا اها اهڙي مالڪ مٿان ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو ادائي دفعا کان وڌيڪ نه هوندو، پر ڪنهن به صورت ۾ چورايل ٽيڪس واري رقم کان گهٽ نه هجڻ گهرجي.

تي ڏنڊ
Penalty or concealment of cropped area

D_6. (1) هن ايڪٽ تحت ڪو به ڏنڊ ڪهن مالڪ تي تيستائين نه مڙهيو ويندو جيستائين ڪيس ٻڌڻ جو موزون موقعو نه فراهم ڪيو وڃي.

ٻڌڻي جي نوٽيس کان پوءِ ڏنڊ مڙهڻ
Imposition of penalty after notice of hearing

(2) مڙهيل اهڙو ڪو به ڏنڊ اهڙي مالڪ طرفان ادا ڪيل ڪنهن بي ذميواري کان غير تعصبانه هوندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي